# پهلاج نهالاڻي

## مشهور فلم پروڊيوسر، ڊسٽريبيوٽر ۽ ڊائريڪٽر



Pahlaj Nihalani
Motion Picture Producer, Distributor & Director
Founder Member, Export Promotion Council (SEPC)

’موهن جو دڙو‘ جي کوٽائي ڪندي مُهرن جو ملڻ ۽ اُن تي
اُڪريل چترڪاري، مٽيءَ مان ٺاهيل فنڪارانه برتن، سون ۽
چانديءَ جي ڌاتوءَ مان ٺاهيل سهڻا زيور، جنڊيءَ جو هنر،
هٿ جو ڀرت؛ اهي اِنساني هنر وارين سموريون نشانيون
جيڪي اَسان کي ملن ٿيون، اُهي يقينن اَسان جي سڀيتا ۽
سنسڪرتيءَ جو هڪ وڏو خزانو هئڻ سان گڏوگڏ اُن ڌرتيءَ تي
رهندڙ سنڌين جي فنڪارا نه خوبين جو پڻ بهترين گواه آهن.

پراچين دور کان سنڌي سپوتن نه صرف علم ۽ وڻج واپار جي
ميدان ۾ پنهنجو پاڻ موکيو؛ پر صدين جو سفر طئه ڪندي اَسان
جا فنڪار اَڄ به وشو جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پنهنجي
ڪلا جو جوهر پڻ ڏيکاري رهيا آهن.

اُن سلسلي ۾ ڀارت جي فلم اِنڊسٽريءَ ۾ اُن جي آغاز کان وٺي
هر کيتر؛ موسيقي، اَداڪاري، پراڊڪشن، ڊئريڪشن،
اِسڪرپٽ، اَئڪٽنگ؛ هر جاءِ تي سنڌين هڪ گهري ڇاپ ڇڏي
آهي.

اڄ اَسان سان گڏ آهي هندوستاني فلم اِنڊسٽريءَ جي
مشهور و معروف شخصيت، **پهلاج نهلاڻي....**

**جوَهراڻي:** **سائين! توهان جو هاردڪ سواگت آهي! سڀ کان پهرين اَسين اِهو ڄاڻڻ چاهينداسين ته توهين ڀارتيه فلم اِنڊسٽريءَ ۾ ڪيئن داخل ٿيا؟**

**پهلاج:** هر اِنسان کي ڪو نه ڪو شوق هوندو آهي! مون کي ڪلا طرف بيحد رُچي رهي آهي. اِهو ئي سبب هئو، جو آءٌ ننڍي هوندي گهڻيون ئي فلمون ڏسندو هوس. اُهي فلمون ڏسندي ڏسندي آءٌ آهسته آهسته پاڻ هن فلم انڊسٽريءَ ۾ ڪيئن پهچي ويس، اُها خود مون کي به خبر ڪونه پيئي!.

**جوَهراڻي:** **اُهو ڪهڙو سال هو، جڏهن توهان فلم اِنڊسٽريءَ ۾ قدم رکيو؟**

**پهلاج:** مان سمجهان ٿو ته آءٌ ڏهن سالن جي عمر جو هوس، جو منهنجي پتا جو ديهانت ٿي ويو. پوءِ آءٌ ڏيري ڏيري ڪيئن هتي پهچي ويس، اُن جي خبر خود مونکي به ڪونه آهي؛ پر آفيشل طور ١٩٦٥ع ۾ جڏهن آءٌ پندرهن سالن جو هوس، تڏهن مون پڪچرس جو بزنس شروع ڪيو. پهرين ڊسٽريبيوشن ۾ گهڙيس؛ پوءِ ١٩٧٩ع ۾ پراڊڪشن شروع ڪيم. اُن کانپوءِ ته مون ڪڏهن پنيان مُڙي نهاريو به ناهي! پنهنجي رفتار جاري رکندي هلندو رهيس!

**جوَهراڻي:** **توهان فلم اِنڊسٽريءَ جي ڪهڙي ڊپارٽمينٽ ۾ سڀ کان وڌيڪ رُچي رکو ٿا؟**

**پهلاج:** آءٌ نالي ۾ ته صرف هڪ پروڊيوسر آهيان؛ پر ڪهاڻيءَ کان وٺي ميوزڪ، ايڊيٽنگ يعني هڪ فلم جي تياريءَ ۾ مڪمل طور اِسپات بواءِ کان پروڊيوسر ۽ فنانسر تائين؛ جيڪو به ميدان آهي، مون کي هر ڊپارٽمينٽ سان Attachment آهي.

ڪم ته منهنجو ئي آهي! ڪرڻو مون کي ئي آهي! نالو به منهنجو ئي ٿيندو ته خرابي به مون کي ئي قبول ڪرڻي پوندي! جيتوڻيڪ سنيون يا خراب ڳالهيون، بيئي منهنجي هٿن سان ئي ٿينديون آهن؛ پر سنين ڳالهين لاءِ آءٌ هرهڪ جي يوگدان کي ضرور Acknowledge ڪندو آهيان. باقي گهڻو ڪم منهنجو پنهنجو ئي هوندو آهي!

**جوَهراڻي:** **هڪ ڳالهه ڏٺي ويئي آهي تہ توهان جي فلمن ۾ گهڻو ڪري نون اُسرندڙ ڪلاڪارن کي وجهہ ڏنو ويندو آهي. اِهو اِسٽار سسٽم کان بيزار ۽ پريشان ٿي يا سچ پچ New Talent کي ڀارتيہ فلم اِنڊسٽريءَ سان متعارف ڪرائڻ لاءِ توهان جي ڀاونا آهي؟**

**پهلاج:** مون کي لڳي ٿو تہ گهڻا ئي نوان ڪلاڪار اَچڻ چاهين ٿا. گهڻو ڪري سنڌي، هر فليڊ ۾ سيني کان اَڳرو هوندو آهي؛ پر هميشه نالي ۾ پنيان رهندو آهي. هو ڪنهن بہ قسم جي لالچ نہ رکندا آهن. سنڌين ۾ هڪ خاص ڳالهه ڏٺي ويئي آهي تہ هو پنهنجي ڪم سان مطلب رکندا آهن ۽ نالي جو خيال بہ ڪونہ هوندو اَٿن. اَهڙي طرح هو پنهنجو ڪم ڪندا رهندا آهن!

مان بہ سوچيندو آهيان تہ جيڪڏهن منهنجي همت اَفزائيءَ سان ڪنهن جو ڀلو ٿئي ٿو تہ ڇو نہ ٿئي! اُن مقصد سان مان هميشه نوان نوان ڪلاڪار ۽ ٽيڪنيشن آڻيندو رهندو آهيان! خاص طور جيڪو ماڻهو مونکي ٽائيم ڏيئي سگهي، پوءِ ڀل هوُ فلاپ بہ ڇو نہ هجي يا هِٽ هجي؛ مان اُن جو بہ خيال ڪونہ رکندو آهيان! ڀلي ڪو شخص مارڪيٽ ۾ نہ هلندڙ هجي، پر ڪيس پنهنجي ڪم ۾ Interest آهي تہ آءٌ اُن طرف وڌيڪ ڌيان ڏيندو آهيان. جيڪي مون سان گڏ، هر ڪم کي پنهنجو ڪم سمجهي ڪن؛ آءٌ اُنهن کي ئي آڻڻ چاهيندو آهيان!

**جوَهراڻي:** **توهان اَڃ تائين ڪيترين فلمون پروڊيوس ڪيون آهن؟**

**پهلاج:** منهنجون اَڃ تائين ٽيويهہ فلمس اَچي چڪيون آهن. جيتوڻيڪ وچ ۾ مون ڪجهہ Gap ڏني هئي، نہ تہ تہ هميشه هر سال منهنجي هڪ بہ فلم پيئي ايندي هئي؛ پر هينئر ٻن ٽن سالن کان مون فلم سان گڏوگڏ سوشل لائيف طرف بہ وڌيڪ رُچي رکي آهي!

**جوَهراڻي:** **بالي ووڊ جي Show Biz ۾ رهندي بہ اَوهان جو پنهنجي سماج طرف وڌيڪ جهڪاءُ آهي. سماج جي بهبوديءَ لاءِ اَوهين هر طرف پنهنجي مدد جو هٿ ڊگهيڙيندا آهيو! اُن تي ڪجهہ وڌيڪ روشني وجهندا!**

**پملاڄ:** جيترا به سنڌي وڏي ناليوارا آهن، جيڪي اَڄ پنهنجو پنهنجو مقام ٺاهي چڪا آهن اُنهن کي مون ڏٺو آهي ته پنهنجي پنهنجي فيلڊ ۾ رهندي به سوشل ڪم ۾ هميشه اَڳرا رهندا آهن. اَوهين اَڄ سنڌين جا ڪاليج ڏسو! اَڄ چاليه - پنجاه ڪاليج سنڌين جا آهن. اِسپتالون سنڌين جون آهن؛ هندوجا هاسپيٽل، رهيجا هاسپيٽل، جسلوڪ هاسپيٽل! مطلب ته هوُ ڪنهن نه ڪنهن Social cause سان جُڙيا رهيا آهن؛ پر هُنن ڪڏهن به نالي جي بک ڪونه رکي آهي.

اُن لحاظ کان مون کي به لڳو ته مان به پنهنجي سماج لاءِ ڪجهه ڪري سگهان ۽ پنهنجي ديش کي ڪجهه ڏيئي سگهان. Natural Calamity هجي يا ٻي ڪا آپدا، پوءِ ڪهڙو به پرانت هجي. جيئن اوڙيسا ۾ Cyclone آيو ته مون کي لڳو ته ڪجهه ڪرڻ کپي؛ گجرات ۾ Earth Quake آيو!

مون خيال ڪيو ته سرڪار سان گڏ اُتي اَسان جي به ضرورت آهي؛ ان لاءِ مون Fund - Raising جا گهڻيئي پروگرام آيوجت ڪيا!

**جوَهراڻي: شايد توهان ان مقصد لاءِ ’هم ايڪ هئن‘ جي نالي سان ڪجهه پروگرام آيوجت ڪيا هئا!**

**پملاڄ:** جڏهن مون ڏٺو ته Communal Riots ۽ اَهڙيون ٻيون گهڻيئي نفرت واريون ۽ دشمنيءَ جون ڳالهيون پئي ٿيون؛ تڏهن مونکي لڳو ته اَڄ اَسان کي هڪ اَهڙو Message ڏيڻ کپي، جنهن سان قومي ايڪتا پيدا ٿئي! اَڄ هن ديش ۾ ڪيترن ئي ماڻهن کي گمراه ڪيو ويو آهي. ضرورت آهي ته ان لاءِ سيني پرانتن ۾ هڪ ئي وقت صحيح Message پهچايو وڃي. مون دور درشن جي ذريعي سيني States ۾ پروگرام آيوجت ڪيا؛ جنهن وسيلي آواز پهچايو ’هم اِيڪ هئن..!‘

اِهو ڏٺو ويو آهي ته وڏن ڪلاڪارن ذريعي Message جلدي پهچائي سگهبو آهي. اَڄ جڏهن فلم اِنڊسٽريءَ ۾ منهنجي ٿوري عزت آهي ته اُن جو فائدو سماج کي ڇو نه ڏنو وڃي. اَهڙي طرح مان ڪوشش ڪندو آهيان ته جتي به Fund-Raising هجي، يا ڪهڙو به ڪاريه هجي؛ مان اُن ۾ هر ممڪن حد تائين Contribute ڪرڻ

جي ڪوشش ڪندو آهيان. مون ‘Gujarat Earth Quake Relief Fund’ ۾ ساڍا چار ڪروڙ ڪنا ڪري ڏنا هئا.

**جوَهراڻي: توهان جي هڪ آواز تي سڀ ناميارا ڪلاڪار اَچي حاضر ٿين ٿا. ڇا اهو هڪ چمتڪار آهي يا اُن ۾ ٻي به ڪا راز جي ڳالهه آهي؟**

پهلاج: چمتڪار آهي Sincerity جو! دل جي ڳالهه آهي! هنن کي خبر آهي ته جتي به پيسن جي ڳالهه ايندي ته پهلاج اُنهن ۾ هٿ ڪونه وجهندو! پر جتي سوشل ڪاريه هوندو ته هوُ پاڻ به Contribute ڪندو! اُن ڪري ئي سڀ ڪلاڪار منهنجي هڪ ئي سڏ تي هليا ايندا آهن. هنن کي لڳندو آهي ته هيءُ ڪم پهلاج ڪري سگهي ٿو ته اَسين به ڇو نه هن جي مدد ڪريون. آءٌ سڀني ڪلاڪارن جو شڪرگذار آهيان، جيڪي هميشه منهنجي هڪ آواز تي هليا ايندا آهن ۽ اِنڊسٽريءَ پاران اَچي ڪري معاشري کي پنهنجو ضروري Message ڏيندا ڪندا آهن!

**جوَهراڻي: هندوستان فلم اِنڊسٽريءَ ۾ ‘IMPPA’ نالي هڪ سنسٿا اَول ئي وجود ۾ هئي؛ هينئر ٻڌجي ٿو ته اَوهان ان جي Parallel هڪ نئين سنسٿا ‘Association of Producers & T.V. Programmers’ به شروع ڪئي آهي! توهان کي ان سنسٿا شروع ڪرڻ جي ضرورت ڇو محسوس ٿي؟**

پهلاج: ضرورت اِن ڪري ٿي، جو جيترِيون به اَسان جون ايسوسيئيشنس هيون؛ ‘IMPPA’ هئي يا ‘Guild’ هئي، اُهي سڀ فلم پروڊيوسرس لاءِ هيون. ٽي.وي. لاءِ ڪابه سنسٿا ڪانه هئي. تڏهن مونکي لڳو ته ٽي. وي. لاءِ به ڪجهه اَلڳ ڪيو وڃي. اُن ڪاريه ۾ اَهم رول جي. پي. سپي صاحب جو آهي! ڪيترا ئي سال هوُ اُن جو پريزيڊنٽ هئو. بعد ۾ هُن چيو ته مان هينئر ڪونه سنڀالي سگهندس. اَڄ نوجوانن جو ٽائيم آهي. تنهن لاءِ اَڄ کان تيرهن سال اَڳ هن اها جوابداري مون کي سونپي. اها جي. پي. سپيءَ جي سوچ هئي. هو Builder ۽ Producer به ٿي رهيو.

جي. پي. سپيءَ ئي پارٽيشن کان پوءِ پارٽ اَچي بمبئيءَ ۾ پهرين

اونر شپ فلئٽس ناهيون . وري فلم پروڊڪشن ۾ بہ وڏو Contribution ڪيائين. پوءِ محسوس ڪيائين تہ ٽي. وي. کي بہ اَهميت ملڻ کپي. صحيح چوندا آهن تہ هر کيتر ۾ ’Sindhi Brain‘ اَڳوات ڪم ڪندو آهي. تنهن لاءِ هن ڳالهہ ۾ بہ شري جي. پي. سپي صاحب ئي هيءُ تاريخي ڪم ڪيو. اَڄ ٽي. وي. ننڍي ناهي، پر وڏي ڪان بہ وڏي آهي!

**جوَهراڻي:** **توهان پاڻ بہ ڪجهہ ٽي. وي. سيريل ٺاهيا آهن؟**

**پهلاج:** پهرين لڳندو هئو تہ فلم ڪان وڊيڪ ٻيو ڪو بزنس آهي ئي ڪونہ! هيءَ تہ ننڍي اِسڪرين آهي. پر اَڄ ننڍي اسڪرين بہ فلم ڪان اَڳتي نڪري ويئي آهي. مون کي لڳي ٿو تہ ان ميدان ۾ مون کي پل ٿوري دير ٿي آهي؛ پر هينئر آءٌ بہ اُن ۾ اَچي رهيو آهيان. هينئر منهنجا ٻار اُن فيلڊ ۾ ڏاڍو شوق رکن ٿا ۽ هنن اَڳ ۾ئي ڪي پروگرام ٺاهڻ شروع ڪيا آهن.

**جوَهراڻي:** **توهان جو جنم ڪٿي ٿيو؟**

**پهلاج:** منهنجو جنم هتي هندوستان ۾ ٿيو.

**جوَهراڻي:** **اُن ڪري اَوهان ورهاڱي جا ڦهر نہ ڏٺا هوندا!**

**پهلاج:** نہ! مون اُهي ڏٺا ڪونهن، پر پنهنجن بزرگن ڪان ٻڌا ضرور آهن!

**جوَهراڻي:** **ڇا اُنهيءَ ڪمبختيءَ جو اَوهان جي پريوار تي ڪجهہ اَثر ٿيو؟**

**پهلاج:** Definitely! ڪو بہ اَهڙو سنڌي ڪونهي، جنهن ورهاڱي جو ڦهر نہ سَنو هجي! پر منهنجو جنم ١٩٥٠ع ۾ هتي بمبئي ۾ ٿيو آهي. جيتوڻيڪ زمين تہ بمبئي ۾ آهي، پر سنڌيءَ جي ناتي سمورو هندوستان اَسان جو آهي. اَسان سنڌين کي رهڻ لاءِ اَڄ ڪٿي بہ پنهنجو گهر ڪانهي ۽ اَڄ بہ پنهنجي زمين ڪونهي.

**جوَهراڻي:** **ورهاڱي ڪانپوءِ اَسان سنڌين کي سموري سنڌ ڇڏڻي پيئي؛ جڏهن تہ بنگالين کي اَڌ بنگال مليو، پنجابين کي اَڌ پنجاب مليو؛ پر اَسين سنڌي پنهنجي زمين نہ هئڻ سبب ٽڙي پکڙجي**

**وياسين! ان لاءِ اَڄ هن مقام تي پهچي ڪري اَوهين ڇا ٿا محسوس ڪريو تہ سنڌين کي ڪيئن گڏ ڪري هڪ سوٽر ۾ ٻڌو وڃي؟**

**پهلاج:** اَڄ مون کي لڳي ٿو تہ جيڪا بہ سرڪار آئي آهي، جيڪي بہ Political Parties آهن، اُهي Vote Bank کي اَهميت ڏين ٿيون. اَڄ هر Caste کي اَهميت ملي ٿي. پر هندوستان ۾ اَسان پنجاه لک سنڌين جي هوندي بہ اَسان جي Vote Bank نٿي ڳڻي وڃي، ڇو تہ اَسين سڀ ڪٿي جو ڪٿي ٽڙيا پکڙيا پيا آهيون. اَسين پل پوري دنيا ۾ اَلڳ اَلڳ مقام ۽ اَلڳ اَلڳ پوزيشن تي پهتل آهيون، پر اِهو نٿو لڳي تہ اَسين سڀيئي پنجاه لک سنڌي گڏجي ڪري پنهنجي Vote Bank ناهيون ۽ Political Parties کي خبر پوي تہ اَسين سڀ سنڌي هڪ آهيون ۽ اَلڳ اَلڳ ناهيون!

لڳي ٿو تہ اَڄ اَسين پنهنجي پنهنجي 'Selfish Motive' سان ايترو جُڙي ويا آهيون، جو صرف پنهنجي نالي ڪمائڻ لاءِ ڀالهيون آهن؛ پر پنهنجي سنڌيت جي سڃاڻپ برقرار رکڻ جي ڪا اون ئي ناهي! سنڌين کي اِهو بہ ڌيان ڪونهي تہ اَسين ڪيئن پارليامينٽ ۾ پنهنجي جاءِ محفوظ ڪرايون. ان لاءِ ڪنهن کي بہ فڪر ڪونهي!

مون کي لڳي ٿو تہ ان لاءِ ڪنهن بہ سرڪار جو ڏوه ڪو نہ آهي. هيڏو ناڻو ڪمائڻ کان پوءِ بہ اَسين سنڌي پاڻ ئي پنهنجي جاتيءَ لاءِ جوابدار آهيون. اَڄ بنگالين کي بنگال آهي، مهاراشٽرين کي مهاراشٽر آهي، گجراتين کي گجرات آهي؛ تہ اَسان سنڌين کي پنهنجي سنڌ ڇو نہ آهي!

اَڄ پاڪستان ۾ سنڌين کي اَهميت آهي. اَڄ هنن جو سنڌي سئٽيلائيٽ ٽي. وي. چينل هلي رهيو آهي. پوءِ پل هو مسلم سنڌي ڇو نہ هجن؛ پر پنهنجا سنڌي تہ آهن! هنن جي بہ تہ ٻولي سنڌي ئي آهي! اَڄ اَسان جي ٻارن کي خبر پوڻ گهرجي تہ سنڌي ٻولي ڇا آهي.

رام! اڄ تنهنجي ڪوشش سان مون کي هيءُ پهريون دفعو موقعو

مليو آهي تہ ٿي. وي.ءَ تي اَچي ڪري سنڌيءَ ۾ ڳالهايون ٿا. مون کي ان لاءِ بيحد خوشي محسوس ٿي رهي آهي! اگر اها خوشي اسان جي ٻارن کي بہ ملي، هوُ بہ پنهنجي سنڌي ٻوليءَ ۾ ڳالهائين تہ مون کي لڳي ٿو تہ سنڌين جي روپ ريکا ئي بدلجي ويندي!

**جوَهراڻي: هينئر سنڌين طرفان راڄنيتي سطح تي اها گُهر ڪئي ويئي آهي! جيئن تہ هتي هندوستان ۾ اَسان کي پنهنجي زمين ڪونهي، تہ ڇا اَسان کي Landless State جو درجو ڏيندي سرڪار ٻين States جيان Powers ڏيئي سگهي ٿي؟**

**جيڪڏهن ٻين States جيان اَسان جي Landless State کي بہ اوترا ئي حق ۽ اوتري ئي بجيٽ ڏني وڃي تہ اَسان جي سنڌي ٻولي، ڪلچر، سڀيتا ۽ سنسڪرتيءَ جو بہ گهڻو ئي وڪاس ڪري سگهجي ٿو! ڇا توهان اِن راءِ سان سهمت آهيو؟**

پهلاج: مونکي لڳي ٿو تہ جيڪڏهن سرڪار کي Will هجي، تہ اها اسان کي ڪٿي بہ هڪ مخصوص جاءِ ڏئي سگهي ٿي! هندوستان ۾ ايتري لينڊ آهي؛ جو اَسان کي بہ جيڪڏهن گوئا، ڏمن، ڊيوُ جيان ڪٿي بہ پنهنجي ڌرتي ڏني وڃي تہ پنهنجي سنڌ ٺاهي سگهجي ٿي!

**جوَهراڻي: پهلاج جي! سمجهو تہ سرڪار ان لاءِ راضي ٿي ٿئي ۽ اَسان کي زمين بہ ڏني ٿي وڃي تہ ڇا سنڌي جيڪي هينئر اَلڳ اَلڳ پرانتن ۾ وسيل آهن، اُهي پنهنجا گهر ۽ محل ماڙيون، ڌنڌو واپار، ڪارخانا ڇڏي اُتي ويندا؟**

پهلاج: ڇو نہ ويندا! اَگر هنن کي پنهنجو ٽڪرو ملي ۽ ڪين خبر پوي، تہ اُهو سنڌين کي ئي Belong ڪري ٿو، تہ اُهي ڇو نہ ويندا! جيئن 'نيوُ ٻامبي' ٺهي ويو! اَگر ڪنهن بہ نموني اَسان کي ڪجهہ بہ ملي ٿو تہ اَسين اُن کي پنهنجي فيملي تہ ڇئي سگهون ٿا! اُها جيڪڏهن اسان کي ملي تہ

''We will be the most happiest people!''

**جوَهراڻي:** **اَسان وٽ اِليڪٽرانڪ ميڊيا آهي؛ توهان جهڙا پروڊيوسرس آهن؛ ڇا انهن ساڌنن معرفت اَسين پنهنجي سنڌي ٻولي ۽ تهذيب کي ٻين تائين پهچائي نٿا سگهون؟**

**پهلاج:** اَڄ مان توهان جي ماڌيم سان پنهنجن سنڌي ڀائرن کي چوان ٿو تہ جيڪي بہ مون کي پنهنجو سمجهن ٿا ۽ هنن وٽ جيڪڏهن منهنجي لاءِ ٿوري بہ عزت آهي تہ منهنجي کين هڪڙي درخواست آهي؛ تہ اُهي پنهنجي طاقت کي سڃاڻن! پاڻ کي سڃاڻن! پنهنجو آواز دهليءَ تائين پهچايو!

**جوَهراڻي:** **اَڄ اَسان جي ٻارن مان سنڌي-پڻي جو اَحساس گم ٿيندو پيو وڃي! اُن لاءِ ڇا ڪرڻ گهرجي؟**

**پهلاج:** آءٌ اهو ئي ٿو چوان تہ ٻئي ڪنهن جي ماءُ ڪيتري بہ خوبصورت ڇو نہ هجي، پر پنهنجي ماءُ جهڙي پياري ٻي ڪا بہ ماءُ ڪونہ لڳندي آهي! اَسان کي ان ٻُڌيءَ تي عمل ڪرڻ کپي! اسان جي ٻارن کي بہ پنهنجي ڀاشا کي اوتري اَهميت ڏيڻ کپي، جيتري اَسان 'موهن جو دڙو' کي اَهميت ڏيون ٿا. پوءِ ڀل اُهو ڪنهن ڏٺو بہ نہ هجي! پر اُن جو رنگ روپ ڏسي سيني کي سمجهڻ کپي تہ اَسان جي سڃاڻپ ڇا آهي! اَسين ڪٿان شروع ٿياسين، ڪٿي پهتا آهيون ۽ ڪٿي هيٺ ڪري سگهون ٿا! تنهن لاءِ پاڻ کي ڪرڻ نہ ڏيون! اَسان کي مٿي اَچي ڪري سنڌين جي سڃاڻپ برقرار رکڻ گهرجي!

**جوَهراڻي:** **توهان کي موقعو ملي تہ توهين سنڌي فلم ٺاهيندا؟**

**پهلاج:** بلڪل! مان تہ ان جي حق ۾ آهيان! مونکي لڳي ٿو تہ مون کي بہ سنڌين لاءِ گهڻو ئي ڪرڻ گهرجي! پنهنجي ڀاشا لاءِ ڪرڻ کپي! پنهنجن ٻارن لاءِ ڪرڻ کپي! مان سنڌي فلم تہ ڇا، پر جتي بہ سنڌين لاءِ ڪجهہ ڪرڻ جو مون کي موقعو ملندو تہ آءٌ ضرور ڪندس!

**جوَهراڻي:** **اَسان وٽ ساڌن آهن. سنڌي چينل اَچي سگهي ٿو! سنڌي فلمون ٺهي سگهن ٿيون! اُن ۾ توهان جهڙا شخص؛ جن هڪ اوچو مقام**

**حاصل ڪيو آهي؛ اهي ڪهڙي مدد ڪري سگهن ٿا؟ اُميد ڪيون ٿا توهان ۽ جي. پي. سپي توڙي رميش سپي، اهو ڪاريه هٿ ۾ کڻي سنڌي سماج جي مدد ڪندا؟**

**پهلاج:** رام صاحب! منهنجي سيني کي درخواست آهي ته اَسان وٽ انٽرٽينمينٽ ۾ گهڻي ئي قابل ڊئريڪٽرس، پروڊيوسرس، اَئڪٽرس ۽ اَئڪٽريسز آهن؛ اُهي سڀ سنڌي آهن جيئن ته جي. پي. سپي، رميش سپي، ناري سپي، رميش توراڻي، واشوُ ڀاڳناڻي، گووردن تنواڻي. اُهي سڀ هڪ اهم رول Play ڪري رهيا آهن. آءٌ اُنهن کي به عرض ٿو ڪريان ۽ پنهنجي ٻين تمام ڀائرن کي به چوان ٿو ته جيئن آءٌ اِها سموري ڪوشش ڪريان ٿو، تيئن توهين به هڪ قدم ته اَڳتي هلو! ان نموني اَسين سڀ گڏجي سنڌين جو شان اوچو ڪنداسين!

سچ اِهو آهي ته جيڪو ڪجهه به اَسين سنڌي ڪري سگهون ٿا؛ اُهو ٻيا نٿا ڪري سگهن! اَڄ دنيا جي هر ڪنڊ ۾ هڪ سنڌي ضرور ملندو. ان جي پهچان سنڌيءَ جي نالي ضرور هوندي. ڀلي هن پنهنجو نالو منسڪاڻيءَ مان Mans ڇونه ڪيو هجي؛ پر رهندو سنڌي ئي!

**جوَهراڻي: اَسان جي بزرگن جو وطن آهي سنڌ، جتي اَسان جي وڏڙن جنم ورتو! اُتي ڪڏهن هلجي، اَهڙي توهان کا خواهش رکو ٿا؟**

**پهلاج:** خواهش ته آهي! پر Un-necessary ! اُها ٻين جي زمين آهي! اَڄ اَسان وٽ ڪونهي ۽ اَسان وٽ اَڃڻي ئي ڪونهي! اُن بدران جيڪا زمين اَسان کي هتي هندوستان ۾ ملي سگهي ٿي، اُن جي حاصلات لاءِ تحرڪ هلائڻ کپي! جنهن سان اَسان کي وري پنهنجي سچاڻپ ملي! ايندڙ نسل چئي سگهي ته هيءَ اَسان جي پنهنجي زمين آهي!

**جوَهراڻي: توهان کي جيڪڏهن قدرت وري ٻيهر جنم ڏئي ته توهين ڪهڙي جاتيءَ ۾ جنم وٺڻ چاهيندا؟**

**پهلاج:** منهنجي لاءِ ته سنڌي ٿيڻ هڪ فخر جي ڳالهه آهي! سنڌين سان

نياڻيءَ اَڄا به وڌيڪ فخر جي ڳالهه آهي! مون کي لڳي ٿو ته سنڌين ۾ ڪابه ڪمي ڪونهي؛ صرف هڪ گهٽتائي آهي ته جڏهن مان وري سنڌي جاتيءَ ۾ موٽي اَچان ته هنن کي ايڪتا ۽ ٻڌي ڏياري سگهان؛ ته جيئن هوُ پنهنجي پهچان ۽ گڏيل طاقت سمجهي سگهن!

**جوَهراڻي:** **توهان هن ننڍي عمر ۾ ڇلانگون لڳائي جيڪي ڪاميابيون ماڻيون آهن؛ ان ۾ پاپي نيتا جو ڪيترو يوگدان آهي؟**

**پهلاج:** ڪو به مرد پنهنجي شريڪ حيات بنا اَڳيان نٿو وڌي سگهي! اُن جي سهيوگ بنا هوُ هڪ به وک وڌائي نٿو سگهي! مونکي لڳي ٿو ته ٻين سيني کي جيڪو پنهنجي زالن کان ساٿ مليو هوندو؛ انهن سيني کان به وڌيڪ، منهنجي لائيف ۾ نيتا جو وڏو هٿ آهي!

**جوَهراڻي:** **توهان جي مهرباني! توهين اَسان وٽ آيا. پنهنجو قيمتي وقت ڏنوَ. توهان جو سنڌين لاءِ صدق ۽ جذبو ضرور هڪ ڏينهن نوجوانن کي سجاڳ ڪندو!**

**پهلاج:** مهرباني! رام سنڌين جي هر ڪاريه ۾ مان توهان سان هميشهه گڏ آهيان!